# جيون تاءُ تتيءَ جو

ناگپال

# جيون ڏاڍ ڏتيءَ جو

ناگپال

[ ڪتاب جا حق واسطا مصنف وٽ محفوظ آهن. ]

قيمت ۰۰-۱۰ رپيا

تعداد : هڪ هزار
ڇاپو : جون ۱۹۸۳ع
ڇپائيندڙ: ڪنعيالال ناگپال
ڇپيندڙ : سردار پرنٽنگ پريس گاڏي کاتو حيدرآباد

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

# ارپڻان ٿو

مٿن ٽِڪ ٽِڪرا چڪنڊڙا اڇن
ڪڙٻون ڪيه ٻڪليون ٻگهر سر پيرن
اي وڙه ويڙهيچن مون لوڏائين لڪئا.

## ٻکين ڏکين، آزاريل ڦريل انسانن
## جي
## نـــانءِ

جيها سي تيها مارو مون مڃيا
مون جيڏيون ملير ۾ چوندين موڪ ميها
اٿم آس اها ڪنهن ڪيرائيندا ڪوٽن کي.
(شاهه)

## هڻ ڙي پيٽ!

رات جا پارنهن
برف ڇمائيندڙ پارا
ڏکندڙ هٿ، ڪڙڪندڙ ڏند
اڻ پوري چادر اوڍيل
هي مزدور
ماڻهن کان خالي رستن تي
ڏامر پکيڙي رهيا آهن
پنهنجن ٻچن کي
هن ولهه ۾ ڪکائن گهرن اندر
بي‌سهارا ۽ هيڪل ڇڏي
ننڊ ڦٽائي
ڪنبندي روح ناهي رهيا آهن
پر پوءِ به گهر جي ناهي پوري
ڪڏهن اٽو کٽل ته ڪڏهن چادر ٽُوري
تهه سياري مهاپاري ۾
اڌيءَ رات جو
جت ماڻهو بند ڪمرن ۾ ڪمبل ويڙهيون
ڪل پاريون، هيٽرهلايون، پيگ پي
ڪنهن جي ڪوسي پاسي ۾ به
ڏکي رهيا آهن
۽ هي ڊٺل پگهل بدحال جيءَ
پاڻ پوري رستا جوڙي رهيا آهن، جو
پيٽ جي باهه
ولهه پاري برف کي
رجايو ڇڏي.

(تحريڪ ۾ ڇپيل)

# موت — منهنجو ڇوٽڪارو ڇو؟؟؟

توهان جي عاليشان محلن کان دور
مون مسڪين جي هڪ جهگي به آهي
توهان جي مورت جهڙي عورت کان الڳ
مون وٽ به اَيري اياڻي عورت آهي
توهان جي گلڊن جهڙن ٻارن کان ابتڙ
مون وٽ به (هڏائين پڃري) جهڙا اُگهاڙا ٻار آهن -
سڀني مستقبل، آسائشن ۽ آرام جا
سپنا ڪٺي وڌندڙ-
بهتر آئيندي جي ڳولا ۾ اڃان وڌيڪ
پاڻ پتوڙيون
۴ ڪلاڪن ڪڻ ٦
۽ ٦ ڪلاڪن کان ٨ تائين ڪم ڪندا رهون
۽ روز اوتر ايلازون ۽ لنگهڻ تي
گذر ڪريون -
ملين ڪارخانن ۽ فئڪٽرين ۾
زمين واهڻ ۽ رستن تي - ڳاهہ ڳاهيندا
هر هلائيندا ڪوڏرون ۽ هٿوڙا هڻندا
مشينن ۾ ٻانهون هٿ ڪٽائيندا رهون ٿا
پوءِ به -
ڪاڻ لاءِ اٽپورو
ڍڪڻ لاءِ اڌورو
رهڻ لاءِ کليل آسمان هيٺ ديرو
مرض قرض
نفرتن ۽ ذلتن ۾ جيئندا رهون ٿا
اسان جي سينن ۾ به دل آهي ۽

منجهس خوشحالي عزت ۽ (شهرت)
ذانءُ ناموس ماڻهن جا ارمان پڻ آهن!
پر پاڻ پنهنجي ٻارن ٻچن
آل عيال سان گڏ
لنگهڻ ڪٽيندا، پورهيو ڪندا
گاريون جهليندا! رهون ٿا
منهنجو ڏوهه - اڻٿڪ محنت
منهنجي سزا - دوزخ جهڙي عذابيل زندگي
منهنجو ڇوٽڪارو - موت ....؟؟؟

## ڏکن ذات

ڏکن وڏي ذات او مٺڙا ڏکن وڏي ذات.

ارجهي پرجهي روح اندر ۾ جاڳي ڪوهيءَ ٻات،
ڏکن وڏي ذات ....

سون مان ڪندن، منجهه ڪوناري چرڪي ٿئي جات،
ڏکن وڏي ذات ....

ٻئيءَ پڇري لوهه ڪهاڙي وڍي ويئي وڏوات،
ڏکن وڏي ذات ....

هرهڪ ڪاري رات اندر آ پرهه ڦٽي پربات،
ڏکن وڏي ذات ....

(روزانه سنڌ نيوز ۾ ڇپيل)

# عيدالفطر

اڄ عيدالفطر آ اڄ عيدالفطر آ
پنهنجا سور سڀ ڳيا اهي ٿي حال هيٺا
سيئي چاڪ چڪيل نہ ڪنهن سان عذر آ
اڄ عيدالفطر آ اڄ ....

هر ڪنهن ويس وڳا پنهنجا ليڙا لٽا
نئون بوٽ ڪونهي اهو ڏي ڪلٽر چڙهيل آ
اڄ عيدالفطر آ اڄ ....

ٻارن لٽا ڪونهن بس ڏوتل ڏي پوتل
سيني ڪيسا خالي هٿ ساڳيو حشر آ
اڄ عيدالفطر آ اڄ ....

گهر ۾ ٻوڙ ڪهڙا؟ ۽ ڪهڙا ٻلاوا؟
ڪئنو دال جو اڄ بہ ساڳيو رذل آ
اڄ عيدالفطر آ اڄ ....

ڪيون بيحد پورهيو بدن چُور چُور آ!
مرون بک بڇن سان لنگهڻ تي گذر آ!
واعظ پيا وراڻن تہ نصيب جو چڪر آ —
اڄ عيدالفطر آ اڄ ....

اسانئي غريبن جي محنت تي پلجن
نوان ويس پهرن ٻري ڪان ڏي چاڪن
چون وڏي واڪي الله جو شڪر آ —
اڄ عيدالفطر آ اڄ ....

عيد آ اميرن، غريبن جي کهڙي؟
ڪٿون اوڏرون ٿا، پوءِ ڳپي ڏکر آ —
اڄ عيدالفطر آ اڄ ....

رکون روزا بصرن ٿي لسيءَ وٿي سانڻ
جوئر ٻاجهري سان هي افطار سحر آ؟
اڄ عيدالفطر آ اڄ ....

جي گهر ۾ ٻچو آ اڄ بيمار ڪوئي
اهو ٿي روج راڙو نه پئسو ٻچيل آ —
اڄ عيدالفطر آ اڄ ....

اسان سڀ ٿا سمجهون، تو چاڻين سچاڻين
صدين کان اسان کي ڦرين عذر آڻين
نه الله نه نصيب جو هيءَ تنهنجو چڪر آ —
اڄ عيدالفطر آ اڄ ....

ڪڏهن ته اسان جي به ڪا عيد ٿيندي
جڏهن تنهنجي تجوزين ۾ ڦرڦوٽ پوندي
ناگهال نيڻر چاجا انقلابي امر آ —
اڄ عيدالفطر آ!!! اڄ عيدالفطر آ!

## دوها

ڏيئو ٻري ڏيئي مان ٿئي چمڪار چوڌار
جوت آزادي يار وسائي وسائيندي ڪيتري؟

* * *

رنگ نسل ۽ ذات مذهب کان، اوچو پد انسان جو
پهو پرم پري آ، ڪوڙي خانداني ايمان جو.

# ١٩٧٩ع

ٻارن جو عالمي سال ـ گذري ويو
جنهن لاءِ پوري دنيا ۾ ٻارن تي
وڏا سيمينار ٿيا، ڪتاب ڇپيا
تقريرون ٿيون، ڏينهن جا ڏينهن
اخبارون، رسالا، ريڊيو ۽ ٽيليويزن
ٻارن کي مستقبل جا معمار
آئيندي جا ابا ۽
Child is father of man
وارا وردس ورٿ جا ٻول ٻوليندا رهيا، ۽ ٻار
مستقبل ڪان بي خبر، حال ۾ جيئڻ لاءِ هٿوراڙيون هڻڻ لڳا
دنيا جي ٻورهيتن ۾
چاليهه سيڪڙو ٻورهيت ـ ٻار آهن
ٻورهيي ڪرڻ جي عالمي عمر ١٥ سال ڪان ٻه ننڍا
بيشمار ٻار ـ اڌ اگهاڙا بدحال ڪمزور ۽ ٻڪيا نينگر
اسڪول وڃڻ ۽ کيڏڻ ڪڏڻ جي عمر وارا
هٿن ۾ پانا هٿوڙا ۽ جيڪ پيچڪش کنيو، گريس تيل ۾ ٿڦيل
گئريجن ۾ ڪم ڪندا رهيا، ڪي ٻيڙيون ٻڌندا رهيا
ڪي ڪارخانن ۾ مزوري ڪندا رهيا تہ ڪي دڪانن ۽ گهرن ۾
ٽانگا هلائيندڙ بوٽ پالش ڪندڙ ڪوهر وڪڻندڙ ۽ گڏهہ هڪليندڙ ٻار!!!
گهرن رستن هوٽلن ۽ بس اسٽينڊ، اسٽيشن تي
پلئہ پڪڙي ليلائيندڙ ٻارا
غريب يتيم کي هڪ رپيو خيرات بابا ـ امان الله جي نانءُ تي اٿي لٿپ
۽ اسان ٻڌو اڻٻڌو ڪري ڇڏيون نہ ـ سندن قسمت
هي اسان جا ۽ اسان جي عزيزن جا ٻار ناهن
ـــ تہ ڪنهن جا آهن؟؟؟

غير صحتمند ماحول اڻپوري خوراڪ گندي پاڻي وگهي
ٽئين دنيا ۾ رهندڙ ٻارن مان هر چوٿون ٻار
پنجن سالن عمر اچڻ کان اڳ مريو وڃي — ۽ پاڪستان ۾
باهتر سيڪڙو ٻار ٻن سالن جي ڄمار کان اڳ لاڏاڻو ڪيو وڃن
هت اڄ ٻه هزارين ٻار، اسڪول وڃڻ بدران رستن تي
پيرن اگهاڙا ڪمزور ڪاراٽيل گذه گاڏين پٺيان ڀڪندي
يا پنندي نظر ايندا، ۽
١٩٧٩ع ٻارن جو بين الاقوامي سال هو — ته
ڪهڙن ٻارن جو — ؟؟؟

(سنڌ نيوز ۾ ڇپيو)

## جيون هـام

سڙي ٻري ڪنهن ڇرڪيءَ ڇري تون آءُ پاڻ ڪٺون،
جيون هام هٿون ....

پڇري گـذري حياتي ٻئي سـور سـنـداڻ سهون،
جيون هام هٿون ....

روئـي رجهي سـورن سجهي ڳالهه ڳاڙهـاري ڪيون،
جيون هام هٿون ....

تـو مون ڏانهن هٿ وڌائـي ڏونگـر ڏوري ڇڏيون،
جيون هام هٿون ....

هڪبئي خاطر ڪنڌ ڪپائي صليب سوري چڙهون،
جيون هام هٿون ....

(سنڌ نيوز ۾ ڇپيو)

# وائي

ساٿي ساٿ وڌاءِ ـ منزل پہ ٿي وکڙيون ۔

هي جا ڪارنهن ڪانپ جي رهندي ڪيسن تاءِ،
منزل پہ ٿي وکڙيون ....

تو ڇو جهوريو جيءُ کي پيار پڳ وڌاءِ،
منزل پہ ٿي وکڙيون ....

سڪن جي سنسار ۾ ڏکن ڏيهہ وساءِ،
منزل پہ ٿي وکڙيون ....

انياءُ جي اوندهہ جڳ مٿان رهندي ڪيسين تاءِ،
منزل پہ ٿي وکڙيون ....

آدم آ انسان جو وڌندڙ وڌ سداءِ،
منزل پہ ٿي وکڙيون ....

سرجڻ هار نہ سرجيو هيءُ جڳ شڪست لاءِ
منزل پہ ٿي وکڙيون ....

سوڀ مقدر پنهنجو سر ڏيندڙ سچ لاءِ،
منزل پہ ٿي وکڙيون ....

# سورج نيٺ تہ نڪرندو

پرين پنھنجو پاڻ وڃائي مون کي روھ نہ رلاءِ
اکين آب مَ وھاءِ.

تنھنجي اک ۾ ڳوڙھا سپ ۾ سوتي
پنھنجا موتي ملھہ مھانگا وڃرت کين وڃاءِ
اکين آب مَ وھاءِ.

پر ۾ پانڌي ڏيل ڏکن جا ويندا ڏوري
ڇپن جيڏا ڳوڙھا ڳاڙي رستي کين اٽڪاءِ
اکين آب مَ وھاءِ.

پنھنجو وارو نيٺ تہ ورندو ڪالھہ نہ اڄ سيان
نيٺ تہ ڪاري رات بہ ڪٽندي ڪنھن سھڻي صبح لاءِ
اکين آب مَ وھاءِ.

ھي جا پيچ پني پونءَ تي باک ڦٽي بي باھہ
سورج نيٺ تہ نڪري ايندو ترسندو ڪيسين تاءِ
اکين آب مَ وھاءِ.

(روزانہ سنڌ نيوز ۾ ڇپيو)

## دوھا

ڪاڪل ڪارا ڪيس ڇپر ڇايا نيڻ ۾
ڪجر ڪج ڪلي ۾، نينھن نندورو نہ مڙي.

## ڪجهه چاڙان ڪنهن ڪاڻ

ڪنهن وٽ ڪهڙو سور او ساڻ، ڪنهن وٽ ڪهڙو سور،
ڪُجهه چاڙان ڪنهن ڪاڻ....

ڪا دل ڀڳي ڪا درد دکي ڪهڙي چــاڻ سڄاڻ،
ڪُجهه چاڙان ڪنهن ڪاڻ....

ڪا عشق آجي، ڪا پيٽ بکي ڪنهن رکي ڊوڙي ڪاڻ،
ڪُجهه چاڙان ڪنهن ڪاڻ....

ڪا وڇڙيل ڪا ورهه وڃايل ريءَ سهٽي ساجن ڪاڻ،
ڪُجهه چاڙان ڪنهن ڪاڻ....

تو سون جهڙو جيون، جهيڙو هلندو پنهنجو پاڻ،
ڪُجهه چاڙان ڪنهن ڪاڻ....

(روزانه سنڌ نيوز ۾ ڇپيو)

## جيءَ جهري ٿو روح رڙي ٿو

تنهنجي چاهت جي آوازن ۾ – جيءَ جهري ٿو روح رڙي ٿو
خاموشيءَ جي سازن ۾ – جيءَ جهري ٿو روح رڙي ٿو.

اداسن جي اکرن سان ڏس من جو ميرو ورق ڳري ٿو،
جيءَ جهري ٿو روح رڙي ٿو.

ڪاريءَ رات جي روشن تهه مان ورهه وڃايل چنگ وڄي ٿو،
جيءَ جهري ٿو روح رڙي ٿو.

چاندوڪي جي زهر منجهان هو امرت هاريل هڳاءُ اڇي ٿو،
جيءَ جهري ٿو روح رڙي ٿو.

آس جي تڏن آهن سان گڏ پريت جو هيسيل هانو ڇڄي ٿو،
جيءَ جهري ٿو روح رڙي ٿو!

## سپني جو اولڙو

تو مون گڏجي ڪو سپنو ڏٺو هو
سو ته،
سپنو ئي رهجي ويو.

يارن جي ڏکڻ پاڇن ۾
هينئر ڪڏهن ڪڏهن- تصور جي پٽ تي
ڪڏهن ڪو اولڙو پسندو آهيان.

سچ ته حياتي سپنن جو نه ڇڏيندڙ سڳو آهي
پورا، اڻ پورا ۽ اڌورا سپنا
جيون جي سچاين ۾ رچ ٽيندڙ سپنا
ڏکن بکن اڻ هوند اڻ پوراين ۾
ماڻهو کي سپنو بنائيندڙ سپنا.

(روزانه سنڌ نيوز ۾ ڇپيو)

## صبح ٿيندو

هر ڪو پنهنجي هاج سان هلندو
ٻي جي ڪم تي ڪو ئي نه پلبو
ڪو ئي ڪنهن کي ڪين دٻائيندو
نه هيسائيندو ۽ نه حڪم هلائيندو
ڪنهن جي روزيءَ لت نه لڳندي
حق نه کسبو
لڄ نه لٽبي
اهڙو ڏينهن به نيٺ ته ايندو
بيشڪ
صبح ٿيندو.

(تحريڪ ۾ ڇپيو)

# ڪڪر ڪارونڀار

اڄ بادلن جي گهيري ۾
ڪنهن جي دل اُداس آهي
فضا جي هن ڦيري ۾
رت حسين آهي، پر
ڪنهن جو من منجهيل آهي
زماني کي ٿو وٺي ڏيو
موسم جو هي ياراڻو
وڏل سچ مٿان چادر ڪڪرن جي
آهي هر طرف ڏاڏل
پر ڇو —؟؟
الاجي ڪنهن جو جيءَ جهريل آهي
موسم جي هيءَ هبڪاري
فضا جي رنگين بهاري
مينهن مند ملهاري، سندي ساوڻ سونهاري
ڇو هن مٿان بار آ؟
ڇو هن لئه آزار آ؟
حسن جي هيءَ حقيقت ڇو
هن لئه لاچار—؟ شايد ان لئه جو هي
ڪرندڙ مينهن سان جهوڪي جو — ڪو فرد نادار آ!!!

(تحريڪ ۾ ڇپيو)

## دوهــا

توسان جيءَ جڙيو او ڏرتي توسان پنهنجو پيار
توبن ڪهڙي جندڙي سندڙي، جهڙو ڇورو پارو

# جهونگي جو لال

اصل ۾ وڏهن سالن جو
لڳو پئي نوي سالن جو
ڪاراٽيل انگ، سڪل هڏائون سرير
جهڙو اسڪيليٽن
ڏڪين لاءِ ٽڪيندو
سين لاءِ سڪندي
ٽي بي ۾ مري ويو ــ
هڪ جهونگي جو لال، قوم جو هڪ فرد
گهر جو اڪيلو ڏيئو ــ اُجهامي ويو
اڪيلي ماءُ جي آس اُميد، مستقبل جي موڙي
پڙهڻ تي وئي، ۽ نه چاڙهن
الائجي ڪيترا اهڙا اپرا جيءَ
روز رستن تي مرندا هوندا، محنت ڪندي
ڳرندا رهندا ڍهندا رهندا، وڏجي ڪڇجي لنگهڻ ڪيڏي
آخر ڪيسين؟
جيسين تو مون ناهي سهي ڪيو
هن هيرڦير کي ناهي سمجهو، ڇاتو سڃاتو
سوچيو لوچيو!

(تحريڪ ۾ ڇپيو)

## دوهــا

اڄ پڙهائين ماروئڙن کي اونداهان توهان جيا پاڳ
ڪيسين موذي موڙي سگهندين وڏندڙ وقت جي واڳ.

# وراڻي

تو پڇيو—
تون ڪيئن خوش؟
هيڏا سور سهي، جيون پرتي ڪٽي؟
مون چيو:
جيئن هو ڪنڊي ول وڌي،
ڪنڊن ۾ هو گل ٽڙي
تيئن منهنجو من به
ڏس ڏسي پيو ڪڙي
هو ڏس ابهر، جيءَ جهريل
ڪکائين جهوپڙيءَ ۾، ڪاڏي سواءِ
سڏڪي سهي
۽ هو
تو مون جهڙا منڙا ماڻهو
فوٽ پاٿن تي رات گذارن
۽ ها هي هاري
پيٽ پڻيءَ لڳل
تنيءَ تڏي پيو ڳاهه ڳاهي
ڪاتيون ڪٽي هر هلائي
چڙ هر ۾ جوٽيل
ٻن ڏڱن پنيان
تيون ڏڱو—
هي به ته هيڏا سور سهي
جيون پري ڪٽيو
پيا جيئن
ته تون آءُ
ڪهڙين محرومين جو ماتم ڪريون؟

## چا مان انسان نہ آهيان؟

کھڙا گيت محبت جا جهونگاريان
چا مان انسان نہ آهيان؟

روز لٽجي ٿي ڪنهن مجبور جي عزت
کهڙن خاندانن جا گڻ ڳايان
چا مان .... .... .... ....؟

پريل فصلن مان بہ بک ٿي پلئہ پئي هاريءَ کي
کهڙي ان داتا جا شڪر بجا آڻيان
چا مان .... .... .... ....؟

فجر کان سمهڻ تاءِ ڪم ڪندڙن کي ملي بصر ماني
کهڙن آءُ طعامن ڪي طلبيان
چا مان .... .... .... ....؟

لکين ماڻهن جي هن بدحال عذابيل ۽ غيرانساني زندگي ۾
کهڙن سکن سهنجن کي واجهايان
چا مان انسان نہ آهيان؟

---

چين نہ چت ۾، ننڊ نہ نيڻن ٿوڏي آتر واءُ
پل جو پرائي پيار ور توسين صديـن جو سوداءُ.

* * *

اڄ پڙهيوائتم ڪنهن بيروزگاري کان ڪئي آ خودڪشي
ڪيسين ڪندا رهندا هي راڪس پنهنجي نسل ڪشي.

# تون ڇا آهين

لڇان ۽ پڇان توکي ڳوليان
جيون سپنا، تون ڇا آهين؟
ايڏا ڏنگ سهي ٻه ڏوريان
ڏونگر ڏاڍا تون ڇا آهين؟
کهڙي ماڳين ملندين مون کي
منهنجا سائين، تون ڇا آهين؟
چاهت راحت تون دکدائڪ
ڪلپنا ورهڱ تون ڇا آهين؟
پوڪو پاتل مڏرا نيڻي، نئين نڪوري نارنکيٽي
تون ڇا آهين؟

پڳ پڳ تي نئين نراشا
اوهو آشا، تون ڇا آهين؟
هي نيزن تي نينهن جا نعرا
او پريم ـــ پيارا، تون ڇا آهين؟
حق جي هوڪي وهه جا وٽا
او سقراطي سچ اياڻا، تون ڇا آهين؟
ڳليءَ ڳليءَ ۾ ڪنهن کي ڳولين
او مڳتا ماريا، تون ڇا آهين؟
گلن مٿي پوڏرن پيرا، چنڊ چريا چڪور ڳهيلا تون ڇا آهين؟
صبح سانجهي پيٽ ۾ الڪا
او ماني قلڪا، تون ڇا آهين؟
سچ سونهن سنيهه لاءِ ورچين
ڇا پيو سرجين، او ڪوڙي هڄارا
تون ڇا آهين؟

(تماهي مهراڻ ۾ ڇپيو)

# خــواهشون

دل ٿــي چوي ٿي- وي ونــان
ڪا پريم پياري صورت ته ڏسان
مون وٽ به ته ساز وڄن آواز پڌان
ڪو ناٽڪ ڊرامو فـلم ڏسان
گيت مالا جي گونجن ۾ ڪا چئن چورائيندڙ نار ڏسان
دل ٿــي چــوي .... .... ....

مون وٽ بــه هن بي اي جهڙو بنگلو هجي
مون ته ايم اي پوءِ مون وٽ چو نه ڪو فليٽ هجي
ڪو فرج هجي ۽ غاليچو، فرنيچر ۽ فون هجي
پر نه سهي هڪ زال هجي پر گڏيءَ جهڙي گيٽ اپ سان
دل ٿــي چــوي .... .... ....

ڪا ڪار هجي، نئين نه سهي سيڪنڊ هئنڊ ئي سهي
مرسيڊيـز نـه سهي، مـزدا ئـي سهي
اسپورٽس نـه سهي، اوپل ئـي سهي
مان به ته ڏاءِ بوٽ ۽ سوٽ ۾ بابو هجان
دل ٿــي چــوي .... .... ....

پر ڇا هت هر ايم اي اهڙو هوندو آ؟
هر آس ڪــي راس بــه ملندي آ؟
هر سپنو ساڀيا ٿيندو آ؟ جي نه ته
چو نه آءٌ به هرهڪ وانگر عام ڏي ڪو انسان هجان
دل نٿي چئي ته ٿي وي ونان!

# تو بڻ جيون

تو بڻ جيون کھڙو ڪامڻ؟ جھڙو مڙھي مساڻ.

تو بڻ جيون کھڙو ڪامڻ؟
جھڙو ڇورو ٻار
سڏڪي روئي ڇپ ٽي وڃي پنھنجو پاڻ ئي پاڻ
ڇڻ ڪو مڙھي مساڻ!

تو بڻ جيون کھڙو ڪامڻ؟
جھڙي ڏھاڳڻ نار
اڇندي پڇندي رات گذاري تڙپي تارن ساڻ!
ڇڻ ڪو مڙھي مساڻ!

تو بڻ جيون کھڙو ڪامڻ؟
جھڙي نرتڪيءَ چمار
ڪوڙن ماڻھن دل وندرائي ڪڙڪندڙ نوٽن ڪاڻ
ڇڻ ڪو مڙھي مساڻ!

تو بڻ جيون کھڙو ڪامڻ؟
جھڙو ٽوھر ڏار
اھڙي نسھي ڇھن ڇڄي اڪيلي بربٽ ساڻ
ڇڻ ڪو مڙھي مساڻ!

(روزانه ھلال پاڪستان ۾ ڇپيو)

## آمر ريت

پريت آمر آ تنهنجي منهنجي
سندر آ سنسار الا!

تنهنجو منهنجو روح جو رشتو
سرن سان جيئن سنگيت الا!

بادل سان برسات جو ناتو
تهڙي پنهنجي پريت الا!

ازل کان آهيون هڪبئي ۾ سمايل
گن ۾ جيئن سرهاڻ الا!

هي ڌرتي آ پنهنجي سر تي
آڪاش آ پنهنجو ميت الا!

پيار پنهنجي ڌان ساهه آ صدقو
آمر آ پنهنجي ريت الا!

(ماهوار سهڻي ۾ ڇپيو)

## ٽٽل تاري جي لاٽ

روز جڏهن به
ساڻت جي سيني مان
ڪا رڙ اچي ٿي
ڇيري ڦاڙي
رات اونده ۾
تاري جي ڪا لاٽ ٽٽي ٿي
منهنجي سپنن کي پڻ
ڇرڪ ته نٿين ڪا
وات ملي ٿي!

(تماهي مهراڻ ۾ ڇپيو)

# تـو بـن

هـي پـهـاڙ جيڏو جـيـون ڪيئن گهاريندس تو بن
هـي جـيـون جـا زهـر ڪيئن پيئندس تو بن!

سـرد راتـيـون مـهـاپـارا ڏنـد ڪـڙڪائيندڙ سيارا
برفـانـي ولهه ۽ اڪيلائي ڪيئن گـذرنـدي تو بن!

سرءُ جا سور پن ڇڻ شام چوطرف سڪل پنن جو ڍير
ٽپهري جو ڏکهن پاڇن ۾ اُداسي ڪيئن ڪٽبي تو بن!

ٻرندڙ سج جي تتهڻ آس جهولا ٽاڪ منجهند جا ۽ لڪ
تارن جي ڇپر ڪٽ رات جـو ڪيئن گهٽيندس تو بن!

مينهن جا فرحت بخش ڦوهارا ساوڻ مند جا ڇهندڙ ڇانورا
ڇت ڇورائيندڙ موسمي وسڪارا ڇا نه ساڙيندا تو بن!

ڏک عذاب ۽ اهنج ايذاءَ بي وسيون لاچاريون محروميون
جيون جون پڪڙيل هي اُداسيون ڪنهن سان ونڊيندس تو بن!

(لطيف رنگ ۾ ڇپيو)

# بـيـت

سج به آخري ڪيت ڏني
مندر ۾ آ سنک وڳو
سانجهيءَ پر ڦهلايا آهن
دل ۾ تنهنجي ياد تري!

## غــــزل

جـيـون جـوت جڳـائيندا هـلـو
پنهنجيءَ مستي ڳـائيـنـدا هـلـو!

سـڌڪي سهـمـي ڪنهن غلط فهمي
پنهنجو پـــاڻ وڻـائيـنـدا هـلـو!

روئـي رڏجهي پـاڻ ۾ پـرجهي
مرڪ سان لڙڪ سڪائيندا هـلـو!

تـڙپـــي ڦٿڪي جـيـون مڪتي
پنهنجو پـــاڻ بـڻـائيـنـدا هـلـو!

(ماهوار پيغام ۽ سنڌ نيوز ۾ ڇپيو)

## "لا" جي نانءَ

جيون جي ڏکيئن راهن ۾
۽ پنهنجن اڻانگين آهن ۾
مون توکي پنهنجو سمجهيو آ
مون توکي پنهنجو چاتو آ
تو منهنجي دل جي تارن کي
ڪڏهن ڪومل هٿ سان ڪين ڇهيو
هن پيگل ساز کي ڪين ٻڌو
پر تنهنجي آس رکي دل ۾
مان توسان جيئندو رهندس، پنهنجي سپنن جي دنيا ۾
مان توکي چاهيندو رهندس
مان توکي پوڄيندو رهندس.

(ماهوار ڪلاڪار ۾ ڇپيو)

# هاءِ! منهنجا من

تنهنجي ڪارڻ جيءَ جلايان پوءِ به نه توکي پايان
هاءِ! منهنجا من، ڦٿڪي ڦٿڪي تو لاءِ پيو واجهايان!

سانجهيءَ ٽاڻي پکيئڙن جان آکيرن ڏانهن آڏري
ڳلي ڳلي ۾ توکي ڳوليان پنهنجا پر ڦهلايان!

هر هڪ آهٽ آس آ تنهنجي هر ساعت تو سپنو
ٻاٽ اونده ۾ لاٽ لهڻ لاءِ دل جو ديپ جلايان!

هيءَ جندڙي توبن ڪهڙي ٻيهر ڪنڊي جهڙي
گهرا گهاوَ ڪٺي هن من ۾ ڪهڙا سور سٺايان!

ڪاڪ ڪنڌيءَ تي ڪائي ڪشتي مون لاءِ اچڻي ناهي
واڳون جيڏا واجهه وجهي ڇو هر هر پيو ڪنايان!

ٻڏل دل جي دنيا ۾ ڪا مومل-محل نه اڏبي
وڇوڙي جي علامت ٻئجي حيلا ڪهڙا هلايان!
هاءِ منهنجا من!

## بيت

ماڻهو ماڻهوءَ جي مٿان
ڪرين ٿياءَ انياءُ
اپراڌي، اوڌوت تي
مڙهين ڪلنڪ ٽڪا
وسري ويندءِ ساءُ
جڏهن وڃرا ٿيا هي واهرو.

# من جي مورڪتا

آداس آڪاش
وياڪل فضا
سرءَ جا پيلا پن، ۽
ڪوئل جا ورلاپ
او وڇڙيل وڇايل پرڏين
من تو ڇئينئر ته
ڪائنات سميٽي
توکي ڳوليان.

— جي نه ته
تيلي هٽي ينيٽ پڙڪايان
ڪلندي هنبوڇيون هٽندي
ٿپي پوان
۽ ڪائنات سان گڏ
توکي ۽ پاڻ کي
رک ڪري ڇڏيان
جيئن وري نه وڇڙون
۽ جي خدا به جي چاهي ته،
جدا ڪري نه سگهي!

(ٽماهي مهراڻ ۾ ڇپيو)

## بيت

آزاديءَ جي آر تي جي تو ڳاتي ناهه
ڏرتيءَ پٽي تلڪ جان مستڪ تو نه مٿان
پاڻو تو به ناهه، انهيءَ پد آڪاش ۾.

## مون کان دور پڇو لوڪو

توُن مون کان دور آءٌ ائين وهلور
جيئن آپ ۾ رولو تارو ڪو
ها مون کان دور پڇو لوڪو.

هيءَ مانش منهنجو ماس پٽن
ڇا ڇا نہ ڇڻو آ ڇوڏو ڪو
ها مون کان دور پڇو لوڪو.

مون تنهنجي دانهن سان آهيو آ
جيئن وائيءَ ور وراڪر ڪو
ها مون کان دور پڇو لوڪو.

هن منڌ نيڻن جي مستي ۾
سير سور سهائي نہ هرڪو تو
ها مون کان دور پڇو لوڪو.

## ٽيڙو

جاني هيءَ جيونُ
تنهنجي ڳولا ۾
جنڊ اندر جيئن آنُ

---

توُن بہ ڦريل آءٌ بہ ڦريل
ڇا ؟
هت آهي بہ ڪو سکي وسيل.

# ١٩٧٨ع لطيف ـ سال تي

سنڌ پنهنجي ساهه پنهنجي
ڀونءِ پنهنجي سونهن پنهنجي
مارن جي ورونهن پنهنجي
آس پنهنجي آگ پنهنجي مانڊو مهراڻ پنهنجي
سانگيئڙن جو سات پنهنجي
متيرن جو مڙد پنهنجي
ڏتڙيلن جو ڏاڍ پنهنجي ـــ نياز پنهنجي نينهن پنهنجي
ارڏن جو آواز پنهنجي
مانجهيئڙن جو ماڳ پنهنجي
ڏوٿيئڙن جو ڏيه پنهنجي
سنڌڙيءَ جو هي شان پنهنجي
هن ڌرتيءَ جو ناز پنهنجي

سدا رهندو ساهه سين لطيف تنهنجو نانءُ
جيسين جڳ ۾ آهي جيئرو ڪوئي سنڌي پاءُ
جر ٿر منجهه هڳاءُ ميان تنهن موجود آن!

---

## بيت

ويهي ويرين وچ ۾
سارين سانگيئڙن کي
سنڌي پريت پرين جي
تو به ڪن نه ڪئي
سڪي سيج سمهين
مارو مرن پيا مامري.

# وڇوڙو

آءٌ ڇا لکان —— دل جو درد
آءٌ ڇا لکان —— جدائيءَ جو ڏنگ
آءٌ ڇا ڪڇان —— پيڙا جا پڙلاءَ
آءٌ ڇا ڏسيان —— گهڙيءَ گهڙيءَ جا گهاو
دنيا جي ڀاشا
اکرن جو سمورو علم ۽ اپيوڳ
دل جو درد، سنيهه جا سور ڇٽي نٿو سگهي
لفظ جذبا ٿي نٿا سگهن
سنسار جي ڪا ٻولي
لوچ تڙپ ٻڌائي نٿي سگهي
هنيانءُ جا ويڌ
من جي مونجهه
روح جي رڙ
اندر جا آدما
اکرن ڪان آڪرجي نٿا سگهن
ڪا ڪوتا، جدائيءَ جو ڏنگ ڏيکاري نٿي سگهي
وڇوڙا، پيڙائون، جدائيءَ جون ٻرڇيون
ڪلپنائن جو ڪوس، آشائن جو انت
دنيا جون ٻوليون آهن اڌوريون
لفظ ٿلها، قلم پيگل

(لماهي مهراڻ ۾ ڇپيو)

# منڊيلا

او ڪارن جا سور - وير
(جنوبي) ڏکڻ- آفريڪا جا جوڌا
نهرو ايوارڊ ۱۹۸۰ع جيتيندڙ الميلا
منڊيلا! جنهن
اڻپوري حياتي جا ارڙهن سال
جيل جهاڳيندي گذاري ڇڏيا
غير انساني عذاب سهندي
ڇڪيون پيهندي، تو حياتيءَ کي پورنتا ڏئي ڇڏي
تارچر ڪيمپون ۽ زندگيءَ جون ڇت چور خواهشون
توکي خوف ۽ لالچ جي
ڪوٺن ۾ اٽڪائي نه سگهيون
تو رنگ، نسل جي بنيادن تي، طاقتور ۽ ڪمزور
انسان جي ورهاڱي ۽ غلام- آقا
جي ناحق کي — حق نه مڃيو
آزادي جي آڃ ۾ اٿيل ڪنڌ
قيدخانن جي اوچين ديوارن کان به اوچو ٿي ويو
جهڪي نه سگهيو
تو — انسان کي جنس ٺيڻ لاءِ
نيلام منڊي وڃڻ کان روڪي ڇڏيو
تو
انساني عظمتن ۾
نئين نانءَ جو اضافو ڪيو
غلامن جي جهڪيل ڪنڌ کي مٿي ڪرڻ جو وچن (*)
نه توڙيو

(*) هي وچن امتالن رازشاهيءَ جي قيدخانن ۾ ڪيو هو. — ناگيال

جيل اندر تنهنجي لڙائي
اجتماعي ويڙهه جو مظهر آ
انساني آزادي
جي پيدائشي حق جو اعلان آهي
جنهن جو پڙاڏو
پوري ڪائنات مان موٽ ڏئي ٿو
جنگ آزادي — زنده باد
مظلومن جو اتحاد — زنده باد.

---

## جيون وڻ جو ڏک

جيون وڻ جو ڏک، پيڻو آ
مري جئي ۽ جئي مري به رهڻو آ
هي جيون جو هيڏو سنسار
آرزوئن آشائن جو سنسار
ڪلي روئي ۽ روئي ڪلي به نه چيڏو آ
آس نراس جڳ وڃڳ
ٿڪجي ٽٽجي به نه هارڻو آ
ڇو ته
حياتيءَ پنهنجي پورين حرفتن سميت
دک درد
ايذاءَ عذاب
پيڙا پڇتاءَ سميت به
جيئڻ لائق آهي!

(تماهي مهراڻ ۾ نئون نياپو ۾ ڇپيو)

# هپوڪريسي

٢٥ فيبروري ١٩٧٨ع جي
ڏيلي ڊان هٿن ۾ آهي
پوئين صفحي تي نظر پئي ٿي
ٻه خودڪشيون ـــ
پنهنجي هٿين پنهنجي پياري جندڙيءَ جو انت
آتم هتيا .... آپگهات .... حياتيءَ جي رنگينين آرزوئن آشائن
۽ مسرت ڀريل دکن کان انڪار!!!
ٻالا نظر مان گذريا
هٿن جي آڱرين ۾ جهليل اخبار ڏڪڻ لڳي
ڊاڪٽر موتي جو مرده جسم ڪالهه جي پي ايم سي آندو ويو
سندس سول لائينز واري جڳهه منجهان
منهنجو دوست ڪلاسي ۽ شهر واسي،
جهان مان لاڏائو ڪري ويو
موت کانئس چار جي ٢٦ بهار کسي ورتي، ۽
ٻيو هڪ نراس دل نرس رخسانه
نشي آور گوريون کائي اسپتال ۾ دم ڏنو ـ
هڪ پريمي هڪ پريمڻ
مذهب جي ريت ٽپي نه سگهيا
ڌرم جو ديو، رليجن جو راڪاس کين ڳيت ڏيڻ کان سواءِ
ڳڙڪائي ويو
عينڪُ مذهبي جن ڏاڍا ٿينگ ٽپا ڏئي رهيا آهن
والدين کي ورسائي ڇڏيندا!
وڏن لاءِ جنت ۾ جايون جوڙيندا
سرڳ جون سيٽون بوڪ ڪري ڇڏيندا، ۽
محروم ڏتڙيل والدين .... دنيا کي ڏيکارڻ لاءِ
ڊاڻ پنهنجا اڱڻ ويران ڪري ڇڏيا ـــ!

# تو ڪيئن سري

آونگ اونڌا تو بين منهنجا
ايوڳا يوچن مون ريءَ تنهنجا
تو وڇيل ڪيئن سري ويڙي — تو ڪيئن سرّي مون وڇيري.

تو مون جند اُئين جيئن پهڙو
ٻن ڏاڳن جيئن آميري — تو ڪيئن سرّي مون وڇيري.

لڳ ڀهه ٻنجي ڳگن گرجان
ٻوان اڱڻ تون ٻرسي — تو ڪيئن سرّي مون وڇيري.

مون لات ٻه تون ڏات ٻه تون
تو ريءَ اڻوڻو آءٌ اسيري — تو ڪيئن سرّي مون وڇيري.

هوليءَ رانڊ جا رنگ راڄ
ٻر منهنجي چولي ميري — تو ڪيئن سرّي مون وڇيري.

جيئڻ جاڙ جيئن ٻر ۾ اوڻو
پيچ ٻنسي وري واءٌ تڻيري — تو ڪيئن سري مون وڇيري!!!

## ٻيت

هيءَ جو منهنجي ڏيهه جا
ننڍڙا ٻار مرن
هانءَ هاريل جيءَ جهريل
کهڙي ڏوهه ڳرن
چمندي ساهه سڪن!
ابهم هيءَ آڪاش جا؟!

# جيون ٿاءِ ٿتيءَ جو

سانوڻ موٽڻ جاڙ جڏيءَ جو - جيون ٿاءُ ٿتيءَ جو.

وري ڦٽيا اڄ گوڏنچ گهٽيءَ ۾
ڇنڪو ڇڻن ڏينهن جو - جيون ٿاءُ ٿتيءَ جو.

ڍاڙي واڙيءَ گل ٿڙيا پر
ڪڙيو نہ جيءُ جڏيءَ جو - جيون ٿاءُ ٿتيءَ جو.

ڪنهن لء سانوڻ سنوڻ ڪيا
سون لء سونهن سرءُ جو - جيون ٿاءُ ٿتيءَ جو.

گهڙي پهر لء آيو بہ آ جي
ڀاڻ لاء واءُ آتر جو - جيون ٿاءُ ٿتيءَ جو.

وڻان نہ وسريا سور سرءُ جا
جيءَ ۾ جهير ڏکن جو - جيون ٿاءُ ٿتيءَ جو.

ڀاڻ ٿہ اڄ بہ اهي ڏي ايرا
ساڳيا چاڪ چڪن جو - جيون ٿاءُ ٿتيءَ جو.

---

# ڏيڙو

منهنجو جيون ڳوڙها ڳوڙها
تون ڀڄي ڳيي لاء پريشان
هو بہ ڪري پيو گهوڙا گهوڙا

## چِٽ نہ ڪنھن مِٽ

هوندي حياتــي ڪنھن لہ هير پـاڻ وٽ بدي چِٽ
چِٽ نہ ڪنھنجي مِٽ.

بسنت بـوہ نہ من پريائي
پـــاڻ اچـــا آهـــڙ وٽ ـ چِٽ نہ ڪنھنجي مِٽ.

گهڙيءَ پل لاءِ بوند بهاري
پـــاڻ لہ تـتـــي لُڪ ـ چِٽ نہ ڪنھنجي مِٽ.

جيون چا چن جا چانورڙا
هـمہ هـمہ آهـــڙ آسُ ـ چِٽ نہ ڪنھنجي مِٽ.

پيڙ پيٽ جي پيار چا پوري
آج آجھائــي چـــا آج ـ چِٽ نہ ڪنھنجي مِٽ.

همہ همہ جوين جـــاڙ ڪيمہ
سپنــا سايــيــا م مَٽ ـ چِٽ نہ ڪنھنجي مِٽ.

## وجوگ

تون آسمان ـــ آءٌ زمين
آڪاش ـــ پاتال
تون هماليہ ـــ آءٌ ڪوهن جي سڪل ڏوڙ
سورج ـــ ڪڙڪيٽو
تون عظيم ـــ آءٌ تچ حقير
تون سڀڪجھہ ـــ آءٌ ڪجھہ نہ
آخر ڪيئن گڏجون ـــ نہ گڏياسين
اسان جو گڏجڻ فطري ئي نہ هو ـــ نہ ملياسين
سچ جي ٽپهري ۽ ڪرشن پک جي اڌ رات جو ڪهڙو ميلاپ؟
اوشا ۽ سنڌيا جو چا سنجوگ ـــ؟؟

ـــ جوگ.

(روزانہ هلال پاڪستان ۾ ڇپيو)

# پيار تجارت

ڪهڙا امر عشق جا ماڻم!
پيار تجارت پڻ سي وانگر!

من جا ميت مٺايا ڪنهن
رات جي وڳي بدلجڻ وانگر!

دل جا ديوتا منجي ويا
پٽ تان جهوني چتر وانگر!

نيڻن نير رنو ڏي جن لءِ
وسريو ويل وَيل وانگر!

قسم قول قرار ڀڃي ڦريا
هر موسم جي مٽجڻ وانگر!

جيڪي چاهه تي سي ئي دل تي
نرڪيءَ جي نينهن وانگر!

اڀوجهه سادا جيءَ اپاڳيا
ورهڻ جي پاراڻي وانگر!

ويٺا ڪنهن جي واٽ نهارن
نيڻ اکير جي فقيرن وانگر!

ڪهڙا امر عشق جا ماڻم!
پيار تجارت پڻ سي وانگر!

# ابتڙن جو ميلاپ

تنهنجو منهنجو ماڻ!
آرنيپ آهي —
ڪنهن پيانڪ وڇوڙي جو
صبح جو ڦٽڻ — شروعات آهي
ڏينهن جي ختم ٿيڻ جي
بالڪل ائين —
جيئڻ جم موت جو سبب آهي
ڏک سکن جي علامت، سرءُ بهار جو اطلاع
۽ رات ڏينهن جو نياپو
ڇو ته —
حياتي ٻنهي مخالف رخن جو گڏجڻ آهي
Sperm + ovum = zygote
مذهب جي ڏوهه، ثواب، جنت دوزخ کان
فطرت جي اونهاري سياري بهار سرءُ ۽....
مارڪس جي ابتڙن جي ميلاپ تائين
واڌو + ۽ ڪاٽو —
ننڍي وڏي ۽ ٿوري گهڻي جي مفاصلي ۾
اسين انتقام قرباني، رحم ظلم، جنگ، امن
۽ اڇي ڪاري جي مخالف فلسفن کي سمجهڻ جي ساڌنا
ڪريون پيا

## ساٿي!

اڄ تہ ساٿي
ٻوڙها ٻي ڪيلون جيئون
ڏنگ سهي!
ڏک ڏسون سکن لاء
وڙهون ڏهڻ لاء
جنگ ڪريون امن لاء
مرون جيئڻ لاء
وڇڙون ملڻ لاء
زهر پيئون امرت لاء
جدوجهد ڪيون آرام لاء
رات جهاڳيون ڏينهن لاء
سرءُ سهون بهار لاء
ڪجهہ نہ تيون ڪجهہ ٿيڻ لاء
ڪجهہ بہ نہ جي فلسفي کي سمجهون
ڏاهپ لاء
لوڙيون پاڻ ۽ ٻين لاء
موت وٺون امرتا لاء

---

هاء حياتي
رڄ جي اَڄ
اڌوري اڻپوري
پوءِ بہ سموري
ماکيءَ لار جيئن
ماءُ جي ٿڃ.

# Idealism

اوماس رات جو آڪاس ۾
جڏهن پاڻ (اونده) ڇانيل هوندي آهي
يا ڪڏهن ٽمٽمائيندڙ تاري جي لاٽ
اميد اونداهين ۾ گم ٿيندي ڏسندو آهيان
ته پنهنجي وڇڙيل پيار جي ياد پوندي اٿم
(جو جيون جي ڪاري آڀ ۾ تاري جي ٽمٽمائيندڙ لاٽ وانگر گم ٿي ويو)
جنهن کي پنهنجي هٿين پاڻ وڃايو هيم
۽ ان وڃائڻ تي ڪڏهن پڇتايو نه هيم
جيتوڻيڪ پنهنجي جو جيون کوپ پوڻ ٻڏجي ويو
پر جي آءٌ وفا به ڪريان ها
پوءِ هوءَ ٿي بيوفائي ڪري ها ته....
يا پيو ڪو تنجهڻ پوي ها؟؟!! ضرور پوي ها!؟!؟
ڪڏهن ڪلپنائون به پوريون ٿيون آهن؟
سپنا به ساڀيا ٿيا آهن؟
زندگيءَ ۾ اهو اوس نه ملندو آهي
جو چاهيو آهي —
حياتي نانءُ آهي — آدرش جو انت
حقيقتن سان سمجهوتو — آئيڊيلزم کي گهٽتو.

## ڇهه تـــارا

يـادن جـي ڏنگ ڏنگ مـان
اندر جـي ڇگهه ڇگهه مـان
هنياءِ پوسائيندڙ زهر چڙهي ٿـو
لونءِ ڪانڊاريندڙ ڦهر ڪڙهي ٿو
جڏهن پڇاڙڪو تارو پڏي ٿو
رات جي هنياءَ ۾ ڪات لڳي ٿو!

(من ڇڇي ٿو)

# سور پچار

سور نہ وسرن سور
آءٌ انھن جي آهيان .

ڀالي جن آ وڏڙو ڪيڙو
ٿيان ڪين تن کان دُور
آءٌ انھن جي آهيان .

آبي ڏاڏي ورثي ڏنڙم
ميا جي وڏڙن کان جاگير
آءٌ انھن جي آهيان .

مارو مانجھي سورن سانجھي
سندن آ ساهہ ساهہ منجھہ اکير
آءٌ انھن جي آهيان .

ڏکن ڏاهپ سورن سيانپ
سور ئي پنھنجي پور
آءٌ انھن جي آهيان .

هر ڏس هر جاءِ سور پچار
اکــ اکــ جن جي گهور
آءٌ انھن جي آهيان .

سورن ڳوڙهن پنھنجا ناتا
هر ماڳ اهي دستور
آءٌ انھن جي آهيان .

## عيد مبارڪ

اڄ عيد آهي،
روايت مطابق هن عيد تي به
اندر ۾ آدما، اکين ۾ اوسيئڙا ۽ اوجاڳا کڻي
لفظن کان ڳورين دعائن ۽ بي آواز تمنائن سان
توکي عيد مبارڪ چوڻ لئه
عيد ڪارڊ ورتو اٿم——
بنا موڪلڻ جي گڏ ڪيل عيد ڪارڊن ۾ واڌارو ....
ڪيترا عيد ڪارڊ ڏني ڪيتريون عيدون گذري ويون
نه ڄاڻان ڪيتريون گذرنديون
پر دل جو اڱڻ خالي آهي .... خالي رهندو
تو سواءِ ڪنهن ۾ به ايترو ساهس ڪونهي
جو ان کي آباد ڪري سگهي——؟
آخر ائين ڇو آهي؟ ڇو آهي؟؟ ڇو آهي؟؟؟

## ڌرُ ڏيهل

اسين جيڪي نه درندا آهيون نه ديوتائون لڳون ٿا
اسين جيڪي رت ماس مٽيءَ جا نهيل پتلا آهيون.

ڌڙڪندڙ جيئري دلين ۾ ڪي ارمان ۽ حسرتون به رکون ٿا
پنهنجي خوشي خوشحالي جون ڪي خواهشون به رکون ٿا.

اسين جي پيار پاڻوهه استت ۽ عزت جا ارمان رکون ٿا
حساس ذهين انسان آهيون مٽي جا نهيل نهلا بت نه آهيون.

اسين جيڪي نه درندا آهيون نه ديوتائون لڳون ٿا
اسين جيڪي رت ماس مٽيءَ جا نهيل پتلا آهيون.

# جيون نانءُ اڪيلائي

وستيون بستيون هي وڻڪار
پوءِ به جيون نانءُ اڪيلائي.

ماڻهن جا پرپور ميلا هي
پوءِ به جيون نانءُ اڪيلائي.

تنهنجو منهنجو نينهن نه ٽٽو
پوءِ به جيون نانءُ اڪيلائي.

عيدون، نوروز ايسٽر ڏياريون
پوءِ به جيون نانءُ اڪيلائي.

دوستيون ياريون شاديون مراديون
پوءِ به جيون نانءُ اڪيلائي.

پريتم وصال جون رنگين هي راتيون
پوءِ به جيون نانءُ اڪيلائي.

ناگپال نينهن عوام آمر تون
نه ته جيون نانءُ اڪيلائي.

# نديءَ جا ٻہ ڪنارا

تون ۽ آءٌ — نديءَ جا ٻہ ڪنارا
جي ڪڏهن بہ ڪٿي بہ ملي ڪونہ ٿا سگهن
اهو چاٽندي بہ پاڻ
ملڻ جي سڌ ڪري ويٺا سين؟؟؟
اٿيئي جي چاهہ —؟
اڻ حاصل کي پائڻ —؟
قبول آ
پر ٻن ڪنارن جي وچ ۾ وهندڙ پاڻي
ڇا انهن کي ملائي نہ رهيو آهي —؟
نہ پنهنجي دلين ۾ جيئون اهو پريت جو پاڻي
وهندو رهي ٿو
پاڻ کي ڪوبہ جدا ڪري نٿو سگهي
۽ پاڻ — پاڻي وچاڻ جي پوُ ڪان بہ آجا آهيون
جو پري آهي — سندر آهي
هڪبئي لاءِ هورا ڪورا، لوڇ ۽ اوسيئڙو
هي تانگهہ ۽ تڙپ
هڪبئي جي هميشه اوڏو رکندي
ڇا پنهنجو هي ميلاپ
سڀاويڪ نہ آهي —؟

## چهہ ڏـــارا

(مٺن ڏنگن ٿا)

چنڊ جـي اوڳاڇيل اڪيلائي
دل جـــي ويـران هيڪلائي
خالي رستن تـي ڊگها پاڇولا
ليڙون ليڙون مـن جـا چـولا
ڪنهن ورهڻ جي ورلاپن وانگر
ڪنهن ڏهاڳڻ جي ڏوراپن وانگر

# غــــزل

ڪهڙا ڪهڙا اَمُلَ ماڻڪ پئسن ڪان هي پيارا ماڻهو
سدا ملوڪ سونهن پريا هي، موتين ڪان موچارا ماڻهو.

پنهنجي در آيل ڪي آدر اوڙر ڪُٺي به ڏيندا
ڪڏهن نه هٽبا مور نه مٽبا روز ازل سچارا ماڻهو.

پنهنجي قولن ڪئسجي ويندا ڪوڙا ڪڏهن نه ٿيندا
واعدي پڪا نه ڦرڻا گهرڻا هي هڪ زبانا ماڻهو.

ياريءَ لئه پنهنجي سر خواري آئي ڏينهن پيا ڪٽيندا
منهن تي مٺي ڪين ملن، هي اندر اجيارا ماڻهو.

آ جنهن ڏينهن به جاڳي پيا هي پنهنجيءَ ايراڻي تي
پيڙهين جا هي پاڻه وراڻن وير نه پلٽا ماڻهو.

## ڏنڍلــي

آڪاڙ ٻنپهرن جي
جنسي ڪاڙهي ۾
ناسٽي هٽي ويل ڏرتيءَ مٿان
تتل ڪيڙي پترن ۽ ڪنڊن وچايل گاهه پيچرن تي
پيرين اُگهاڙا
ڳاهن واهن پٽيان رلندڙ
اڌ اُگهاڙا، اڌ بکيا
هيءَ هاري ناري
۽
پيٽ پٺي لڳل
ڏاندن جيان تتل
ڏامر جي اڻ کٽ رستن مٿان
اڏائي مٽي گهوڙ کي
هڏائين پٺي ڏئي ڍڪندڙ هي مزدور —
اسان جي سڪي سنابي
واڌيت ڪالر
ٿڌن ڪمرن ۾ گهاريل
پر به ناسطمئن حياتيءَ تي
ڪيڏي نه
ڦيري ڏنولي آهي —!!!

(نظامڻو نثر)

## پيار اتهاس

جيون جي ننڊ وچوتي وٽي ۾
جوانيءَ جي ڦل واڙي
جنهن ۾ خوشبو سونهن ۽ سنيهه جا
سندر سپنا
تڙپندي لڇندي ڪي ساپيا ڏيندا آهن
ته ڪن ڪي
ڦٽي ڦٽي حالتن جي هٿان
مجبورين جي لولي ڏئي
سمهاري ڇڏبو آهي — ڪي جاڳي
چرڪائي ڏنگي ڇڏيندا آهن —
پيار — سچي حياتيءَ جو رس چس
جنهن لاءِ اوجاڳا ڪيندي
ماڻهن جون اکيون آتي پونديون آهن
ته ڪن کي وري
گهڙيءَ پل ۾ ملي ويندو آهي
۽ ڪي
حاصل ڪري به وڃائي ويهندا آهن
.... .... ؟؟.... .... !! .... .... !! .... ....
ته ڪي اوسيئڙا ڪيڍي ڪيڍي
هميشه لئه سهي رهندا آهن
پر پوءِ به پيار جو ڏانءُ ڪيڏو نه پيارو آهي؟
صدين کان پراڻو، پوءِ به نئين جو نئون
جابلو وچونءَ جي ڏنگ کان تکو، پوءِ به

ماکيءَ لار ڪان مِٺُو مِٺُو
هر وهيءَ ۾ هر ڪائيندڙ، للچائيندڙ ۽ اپائيندڙ
هي سڀڪجهه....
نين ڪنورين ۾ ڪوريل
وڻ جون سدا چمڪندڙ، روشن روشن
چاهه چسڪيون
پوُنرا پتڪائيندڙ لال لبن جون لڪي ويندڙ
راهه ۾ رولي ڇڏيندڙ وچايل واتون
شرم حجاب جي لهر سان ڪنبدڙ گلاب پنکڙين ڪان
نازڪ نازڪ ڪومل ڪومل هي گل گهراتيون
۽ پيرون پريل هي ڏڪندڙ پنبڙيون
جڏهن ڪنهن کي شان دلربائي سان
اکين وجهي پوتجي وينديون آهن —
ته ڪاٿ ڪٽيندڙ من پوُنرو، هن ڏيکڻ ڏيکڻ بعد
ڪومل پنبڙيون نه ٽڪي سگهندو آهي
پر ڦتڪي ڦتڪي پنهنجو ساهه ڇڏي ڏيندو آهي
۽ پوءِ....؟؟
خوش ڪرڻ يا اُداس ڪرڻ جا وس
سک ڏيڻ يا ڏک ڏيڻ جا ڏانءُ
مرڪ ۽ لڙڪ جا لاڏ
سڀ انهن اکين جي جنبش کي ملي ويندا آهن
وٽين ته روئارن؛ وٽين ته کِلائين
ڪل ڪائنات هڪ وجود ۾ سميٽجي ويندي آهي
بهار سرءُ جا سايا
انهن جي اختيار ۾ اچي ويندا آهن
منهن ڦيرائن ته بهار به پن ڇڻ لڳندي آهي، ۽ جي
خزان ۾ به کلي پون ته....
اُجاڙ اُداسيءَ تي به بسنت رُت جو گمان ٿيندو آهي

سمنڊ جي لهرائيندڙ، وٽ ڪاٽيندڙ وهڪرن ۾
ٽڙيل ڪنول ڪنهن
۽ سرسبز ساوا ڪنارا
ڪينجهر سير ۾، سچ لڙي جو
ٻيڙين تي پسار، يا
ٻيڻ ٻيڻ سان ڏڪيل ڏنڊين، ۽
سمهڻي وقت سمنڊ پکين (Sea Gul) جا وڳر
پرين جي پچار ڪٽي ايندا آهن،
رڳو نينهن جي ورونهن ۾ ٿي من ليائيندا آهن ۽ سندر لڳندا آهن
هر نظارو بس موهه مد ۾ ٿي مست ڪري سگهندو آهي
تارن پريو آڪاش يا جوين ونت پنهون
ڪوئل جي ڪوڪ ۽ وسيع وڏڪار
آڏيءَ جو پپيهي جي پيهو پيهو، يا
چانڊوڪيءَ ۾ سمنڊ ڪنارن تي ايرندڙ ويرون
۽ برڪارت .... سارنگ جا سات
صرف پرينءَ جي پيار ۾ ٿي ڏنگيندا آهن
۽ اهڙي ٿي چريي پيار، اتهاس ۾
پٽ ڪي پيءُ جي سامهون آندو
پاءُ پاءُ ۽ دوست دوست ڪي ويڙهايو
ڪٽيل جنگ ڪي هارايو ۽ حياتي جي املهه وٽ ڪي پنهنجي هٿين
ختم ڪرايو — آپگهات
پر پوءِ به اهو مدمست پيار
جيون جي رُڃ جي اُڃ ٿي
واريءَ پٽن ۾ رلڻ لاءِ ڇڏي ويندو آهي
۽ وري هي جيو
پنهنجي انا جي تسڪين لاءِ
خود پسندين جي پورائي لاءِ،
ڦاڙ — پوڇا جا جتن شروع ڪندو آهي

ڪنهن وچايل جي گهوڙا ۾
ڪنهن اڻ حاصل جي حاصلات ۾
پيار پو ڏيائو من
هڪ نگر ڪان ٻي نگر تاءِ — هڪ ڇهري ڪان ٻي ڇهري تاءِ
رلندو رهندو آهي، ۽ اها
ٻڪ ڊوڙ، لوچ تڙپ اتين ئي جاري رهندي آهي، جيئن
مرگهه ترشنا!!

— —

## بيت

جي تون ٽڙنيءَ اوپرو
ڪانگ جان هنسن ۾
تو مان سڳنڌ ساٿيهه جي
مور نه اچي جي
ڪيتي ٿيءُ ٻري، سمدر سنڌڙيءَ وچ مان

## وائـــــي

هر هڪ ساهہ آ چاهہ اهائـي
جـيـون چـــا لاءِ آهـــي ــــ
ڪير تو ڪنهن کي چاهي؟

پـيـار محبت دوستيون پـرکيون
ڪوبہ نہ ڪنهن جـو آهـيــــ
ڪير تو ڪنهن کي چاهي؟

تـڙپـي پـيـا هـون تـار تنل جيئن
ساروڻين ۾ جذبہ کهہ ڏنگيو آهي
ڪير تو ڪنهن کي چاهي؟

جيون نانءُ تہ آهہ ڏي ڏيڻ جو
رڳـــو ونـــڻ ۾ چـاهــي ـــ
ڪير تو ڪنهن کي چاهي؟

مرڪ سان لڙڪ سڪائي پنهنجا
ڏس روئـنـدڙ ڪڏهہ پرچائيـــ
ڪير تو ڪنهن کي چاهي؟

ڏيـهـہ ڏکـن تـي روز ڏمرجون
هنن ڏنو ٿي پاڻ کي چـاهيـــ
ڪير تو ڪنهن کي چاهي؟

پـانـڌيئڙن جـي پـورهيي پـلجي
تو ڏنو چـا انهن کي آهيـــ
ڪير تو ڪنهن کي چاهي؟

روز ٻهي تـو کو گهر تـر ۾
تـو ستلو ٿي اڄ تـاءَ چاهيـــ
ڪير تو ڪنهن کي چاهي؟

# وڏي وٽ

سچ لکڻ نه پر
سچ ڪرڻ وڏي وٽ آهي
زندگيءَ جون محروميون
ڳڻڻ نه پر
ڪٽڻ وڏي وٽ آهي
پنهنجي انفرادي غرض
سوين ڪي لوين ڪي ڇڏي
اجتماعي لاڀ لاءِ لڙڻ وڏي وٽ آهي
تو مون سوچي
جو ڪجهه لکيو
پر ان لاءِ
لڙڻ وڏي وٽ آهي
انقلابين تي شعر چوڻ ۽ هار پارائڻ ڪان
انقلابي ٿي ڪشٽ سهي
قيد ڪٽڻ وڏي وٽ آهي
مستقبل جا سندر سپنا
پيار جا گيت سهيڙي
بهتر آئيندو ڳائڻ نه پر
آڻڻ وڏي وٽ آهي
هن بدحال اڌوري ۽ بي حال حياتي تي
ڇوهه ڇنڊڻ
يا
بي همت ٿي — مايوس، بيزار لڳڻ ڪان
ابتڙ ان ڪي، پاڻ ۽ پاڻ جهڙن لاءِ
خوشحال پورو ۽ خوبصورت
ڪرڻ وڏي وٽ آهي!

# جان

منهنجي اڇي قميص
متان ڳاڙهو
لڳل تنهنجي لپ اسٽڪ جو نشان
نئو مٽجي،
نئو مٽجي ڳوري ڪاغذ تي لکيل گڏ
تنهنجو منهنجو نانءُ
نئو ميسارجي
دل تي چڙيل ڦهري وقت جو قانون
محبت به ماضيءَ جي قبر ۾
دفن ٿيڻي آهي؛
ياد اٿم
ڪنن ۾ ڪيل تنهنجو
سس پس جو سرپاٽ
آءٌ لو يو،
ياد اٿم، پنهنجي جدائي تي
تنهنجو سڏڪن ستيل سوال
متان هليو ويندين؟ هميشه لاءِ .... آيو آ وڃڻ لاءِ؟
۽ نئو پلجي
پنهنجو ساڳيو نئر جواب
دنيا هميشه ويل وساريندي آهي
آءٌ به هوندس ڪڏهن
ان وسريل قطار ۾،
پر پوءِ به تنهنجو اهو ندورو جذباتي پڇڻ پيرڻ ۽ ڊهڻ ....
۽ هيئنئر سيڪجهه وساري ڪا نئين دنيا وسائڻ،
ڀٽڪڻ، ڪلڻ تلڻ، ڪنهن چاتيءَ لڳي سڏڪي پوڻ ....

آهي هڪ زوردار چماٽ لڳل
محبت جي ڳالهه تي، وفا جي دعوي تي
هينئر تون به ڪٿي مڃ جان
ٿي آءُ آرهو ناهيان، پر خوش آهيان تنهنجي خوشين تي
پر اڄ ته اِن سچ کي قبوليون، ته
حالتون ۽ وقت قابض آهن
هر جذباتي سڳاءُ مٿان
قسم، وعدا، جان جسم، ساهه روح ۽ جيئڻ مرڻ جي
سپني سڌن مٿان....
محبت به حياتيءَ جي رُڄ جو حصو آهي
فاني دلين ۾ اڀرندڙ جذبا لافاني نه آهن
پيار وقت جي طابع آهي
اهو هڪ وقت جو سچ آهي، نه هميشه جو
۽ تون آءُ
ان وقت واڳون جي پيٽ ۾ آهيون
چا لاءِ ته
پاڻ جيئڻ چاهيون ٿا....
پاڻ سان پيار ڪندڙ جيو آهيون،
جي حالتن سان ٺاهه ڪري ٿي رهي سگهون ٿا، ۽
پاڻ کي اڻين ٿي ڪرڻ گهرجي!!

# واه! ياسر عرفات

واهه جوڌا جنگجو سروان سورهيه سور وير سردار
سچاڻ سيبتا سرفروش ساٿي او! فلسطين نجات
واه! ياسر عرفات.

يروشلم ۾ ڄاول اڄ کان ۴۸ سال اول
۱۴ ورهين کان وڙهڻ شروع ڪيئه فلسطين لينن گراڊ
واه! ياسر عرفات.

يروشلم کان غازا تاه جڏهه وڏن ڪيئه هجرت
حسيني، مصري فوج گڏ وڙهين تون ۱۹۵۶ جهاد
واه! ياسر عرفات.

تمام عمر اڪيلو رهي ڪيئه فلسطين ساڻ نڪاح*
هر هڪ گهڙي تو ان کي ارپي واه، واه تنهنجي ثبات
واه! ياسر عرفات.

رات ڏينهن جا ۲۴ ڪلاڪ يا هفتي جا ست ڏينهن
۳۶۵ ڏينهن هر سال ۾ تو فلسطين وائي وات
واه! ياسر عرفات.

تماڪ ڇڪين نه شراب پئين کائين رستي پور گيو
گهر تڙ رکين نه پنهنجو ڪوئي گهارين پي ايل او آفيس رات
واه! ياسر عرفات.

پي ايل او جا چونڊيل چيئرمين تنهنجو "عمل نتيجي" ۾ ايمان
مربو وڙهبو ڏيهه نه ڇڏبو ماري هر دشمن ڪبو مات
واه! ياسر عرفات.

انجنيئر هوندي آرام نه ڪيو تو رات ماسڪو ڏينهن رياد
هرهنڌ تون هڪجهڙو هيرو پر ڪيئه نه ڪڏهن پاڻ پڌائڻ بات
واه! ياسر عرفات.

* ياسر خود هڪ دفعي چيو هو ته فلسطين ئي منهنجي گهرواري آهي.

# آءٌ ڏسندو رهان ٿو

آءٌ اوڌ * جي جهرندڙ ٿلهي تي وينو ڏسان ٿو
ڪانون هنسن جي موتين تي قبضو ڪري ورتو آهي
۽ ڪين تڙي ڪيڻ لاءِ ڪنڪ تي مٿن حملا ڪن ٿا
۽ هنس ڪنهن ڏوراهين ڏيهه ڏانهن اُڏاڻا آهن
ڪنگ موتي ته ڪائي وڃن ٿا، پر
اوڳاڇيندي ٿڪجي پيا آهن
هڪڙو لال به ڪاڻن نٿو نڪري.

آءٌ اوڌ جي ٿلهي تي وينو ڏسان ٿو
هڪ ڪراڙي عورت ۽ سندس ٻه پٽ
هڪ سڄي پاسي وينو ڪيس زور ڏئي
۽ ٻيو ڪبي پاسي وينو رڪي رڪي ڪيس سوئي ٽنبي ٿو
۽ عورت ڪنجهندي ساڳيءَ طرح ٻنهي تي
پيار جو هٿ ڦيرائي دعائون ڏئي ٿي
ابا جيءَ آيو، پلي آيو — وسو ويجهو ۽ اڏين ٿي
پنهنجي ماءُ جي خدمت ڪندا رهو!

آءٌ اوڌ جي ٿلهي تي وينو ڏسان ٿو
ڪڪرن ڪارونڀار ڪري سج کي وڪوڙي ڇڏيو آهي
صبح لاڪون ڪنهن سج ڪني ڪونه ڏني آهي
۽ چوطرف چمڙا لامارا ڏيندا رهن ٿا؛
ڪڪرن جو حملو اڃان جاري آهي
۽ چمڙن جو وارو نيارو ٿيندو وڃي ٿو
سڄيءَ فضا تي چمڙا ڇانئجي ويا آهن
۽ وايومنڊل ۾ سندن چين چين جي ٻيگهي مٿي پئي آهي
اوچتو سج پنهنجي ڀرپور روشنيءَ سان نڪري نروار ٿئي ٿو
۽ چمڙن جا ڍڳ ٽڙام سان ڪرندا رهن ٿا!

---

* اوڌ = عُمر

آءٌ اوڌ جي ٿلهي تي ويٺو ڏسان ٿو
هڪ پيرمرد ٻارن ۾ ميوا ورهائي رهيو آهي
جي سندس واڪاڻ ڪن ٿا ۽ تعريف جا ڍڪ ڀرن ٿا
تن کي هو اڻ ڳڻيا ميوا ڏئي ٿو،
۽ جي سندس ڪمزوري ۽ ڪوجهائپ تي کان ٿا،
چڙرون ڪري کيس چيڙائن ٿا
تن کي هو دڙڪا ۽ چڙٻڙن ڏيندو رهي ٿو
۽ ٻار پنهنجي پنهنجي سياءَ وس
پنهنجو پنهنجو ڪم ڪندا رهن ٿا.

آءٌ اوڌ جي ٿلهي تي ويٺو ڏسان ٿو
ماڻهن هڪ ڀاڙو کي وني سينگاريو آهي
چون ٿا تہ هن ڪنهن زوراور ناماري ڀاڙوءَ کي ماري وڌو آهي
۽ ان جيت تي سڌڙيا ڌاڙيو ٻغليون هڻي رهيا آهن
کيس سنهري ڳانا ۽ ڳُل پائي ڪُڌ مٿان ڪٽي وهاريو اٿائونس
۽ چوڌاري ماڻهو هنبوڇيون هڻي رهيا آهن
اوچتو ڪو باز لامارو ڏئي ان ڪٽيل ڀاڙوءَ کي
اک ڇنڀ ۾ چنبي وٺيون نظرن کان گم ٿي وڃي ٿو
۽ نچندڙن جا ڇهہ ئي ڇڇي پون ٿا!

راس ليلا اوج تي آهي
شري ڪرشن ٻينسري جهليو گورڌن پهاڙ تي ويٺو آهي
۽ خوبصورت گوپيون کيس گهيرو ڪري محو رقص آهن
پنهنجي اکين جي اجهل ادائن سان کيس ٻينسري وڄائڻ لاءِ چون ٿيون
۽ شري ڪرشن چپن تي ٻينسري رکي وڄائي ٿو
پر مٿرتان بدران منجهان وياڪل ورلاپ نڪرن ٿا.... ٻينسري بند ڪري
ڪرشن گوپين ۾ ڳُهي ٿو تہ —
راڌا تہ منجهن آهي ئي ڪونہ!!

## شرڌانجلي

هي بيت (دوهن) جي شرڌانجلي ڀيٽ ڪريان ٿو
پنهنجي سمپورن پتا، وديا جي پندار
سوامي سندرداس جن کي،

جن جي ستسنگ ۾ مون هندي ديو ماليءَ ڪتائن ڪان واقف ٿيس ۽ پنهنجي تيج سمجهه هوندي ڪاڻن سنسڪرت، هندي، پنجابي ۽ ويدانتي ارت مان پوري ريت فيضياب ڪونه ٿي سگهيس.

**( بيت )**

تون ئي پنهنجو ساز آ، تون ئي پنهنجو ناد
تون ئي پنهنجو سوال آ، تون ئي پنهنجو جواب
چکين پنهنجو پاڻ کي، تو ئي منجهه سواد
اصلون آد جڳاد، محبوب تنهنجي من ۾.

محبوب تنهنجي من ۾، تون ئي جمنا گهاٽ
تون ئي تيرٿ ياترا، تون ئي پنهنجي نماز
ڳولين ڇو هر واٽ، مڙهي مندر مسيت ۾؟

مڙهي مندر مسيت ۾؟ ڪونهي پيار نه رکو اقرار
اصلون عاشقن تي، سدا چڙهيل ويراڳ
ننڊ ۾ ٻي آ جاڳ، دل ۾ ديرو دوس جو.

دل ۾ ديرو دوس جو، روح اندر راڳا
ٻجي ٿيا پاڳا، پيار پڄائي پنهنجا.

پيار پڇائي پنهنجا، ڪيڏا ڪرين ڪيس
لونءُ لونءُ تو آسيس، آهي سندي سڄڻين.

آهي سندي سڄڻين، لوئي (۱) به سائي
ڪبير ذات الاهي، ڳولهي ماڻهوءَ من ۾.

ڳولهي ماڻهوءَ من ۾، هي پڌ انهد ڌُن
رب ڪونهي ڪو بن، خالق وسي خاق ۾.

خالق وسي خلق ۾، چيو بابا فريد
تون ٿي من مريد، خلق ذات الله جي.

خلق ذات الله جي، پر ڪيئن ڳولهجي ڪنت (۲)
پڇيو پيئڻ نانڪي، اڳيان گرونانڪ سنت
جواب مليو هي ويس ڪجن، ڪونه ڪجي ڪا چنت
(۳) نوڻ سنه اکر کوڻ گڻ، جهبا مڻيا منت.

ميران جهڙو من هجي، پوچا جهڙا پيار
چڪور جهڙو چِتُ هجي، پل چنڊ وسي بي پار
وهه به امرت ڌار، اهڙو چاهه چريو ڪيو.

---

(۱) لوئي = ڪبير جي زال جو نالو.
(۲) ڪنت = الله.
(۳) نوڻ = نمرتا (هيناڻين)، کوڻ = کميا (رحم)، جهبا = زبان،
مڻيا = سنا مٺين جهڙا، منت = منتر (لفظ ڳالهائڻ).

## (بيت)

ڪنهن جي ڪنهن جي سار ڪيان
پن سرءُ جان وچڙيل پيار.

ننڊ رلي وئي پنبڻيون ڳوريون رات لڙي وئي يار
پوءِ به پيار پچار، جرڪي تي هن جيءَ ۾.

مندر مندر پتڪين چو تو گسائين لااُوف (*)
اندر تو چمڪات، جهاتي پاءِ تون جيءَ ۾.

جهنجهرڪي جو جهانجهه جهير وجهي تي جيءَ
پل پل تو پڙلاءُ، پلئه پوي تو ريءَ.

اڱڻ اڱڻ تو پتڪين، چوڏهين جا او چنڊ
ڏنگيل تو ڏسجين، ڪنهن ڏادي جي ڏانو جو.

ڳوڙهن ڳوريون ڳالهيون، ساري ڪيئن ساريان
پلڪي پاٿياران، سٽ سٽ تنهنجي سور جي.

ور ور وائي وات، مانيءَ پور ڳيپي جي
عشق کهڙي ذات، فاقن سندي من ۾!

وڏ ڦڙا وس مينهن، اچان سڄڻ سار سون
تو ڪنهن لاتو نينهن، رڪجي نٿو رڪجين.

